SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر IV مجريه 1982
# SINDH ORDINANCE NO.IV OF 1982
# لينڊ ريفارمس ريگيوليشن (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1982
# THE LAND REFORMS REGULATION (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1982

## فهرست (CONTENTS)

تمهيد (PREAMBLE)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
SHORT TITLE AND COMMENCEMENT

2. 1972 جي لينڊ ريفارمس ريگيوليشن جي پيراگراف 2 جي ترميم
AMENDMENT OF PARAGRAPH 2 OF THE LAND REFORMS REGULATION, 1972

3. 1972 جي لينڊ ريفارمس ريگيوليشن جي پيراگراف 22 جي ترميم
AMENDMENT OF PARAGRAPH 22 OF THE LAND REFORMS REGULATION, 1972

4. 1972 جي لينڊ ريفارمس ريگيوليشن جي پيراگراف 24 جي ترميم
AMENDMENT OF PARAGRAPH 24 OF THE LAND REFORMS REGULATION, 1972

5. 1972 جي لينڊ ريفارمس ريگيوليشن جي پيراگراف 25 جي ترميم
AMENDMENT OF PARAGRAPH 25 OF THE LAND REFORMS REGULATION, 1972

# سنڌ آرڊيننس نمبر IV مجريہ 1982
# SINDH ORDINANCE NO.IV OF 1982
## لينڊ ريفارمس ريگيوليشن (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1982
## THE LAND REFORMS REGULATION (SINDH AMENDMENT) ORDINANCE, 1982

[5 مئي 1982]

آرڊيننس جنهن ذريعي لينڊ ريفارمس ريگيوليشن، 1972 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (PREAMBLE)

جيئن تہ لينڊ ريفارمس ريگيوليشن، 1972 جي پيراگراف 22، 24 ۽ 25 ۾ پارليامينٽ اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل (2)232 ۾ ايمرجنسي جي عرصي دوران لينڊ ريفارمس (ترميم) ايڪٽ، 1976 ذريعي ترميم ڪئي هئي؛

۽ جيئن تہ 15 سيپٽمبر 1977 جي ايمرجنسي جي اعلان جي نتيجي ۾، ڄاڻايل ايڪٽ 14 مارچ 1978 تي مدي خارج ٿي ويو؛

۽ جيئن تہ اهو ضروري ٿي پيو آهي تہ ايڪٽ جي ڄاڻايل پيراگرافس ۾ ڪيل ترميمن کي ٻيهر عمل ۾ آندو وڃي، جيڪي هيٺين ريت هونديون؛

هاڻي تنهن ڪري، پنجين جولاءِ 1977 واري اعلان ۽ پرووزنل ڪنسٽيٽيوشن آرڊر، 1981 ۽ آئين جي آرٽيڪل 267 جي شق (2) تحت صدر کان اڳواٽ ورتل منظوري سان، سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
SHORT TITLE AND COMMENCEMENT

1. (1) هن آرڊيننس کي لينڊ ريفارمس ريگيوليشن (سنڌ ترميم) آرڊيننس، 1982 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو ۽ دفعات 3، 4 ۽ دفعہ 5 سواءِ شق (II) ۽ ذيلي پيراگراف (5) جيڪو شق (III) ۾ بعد ۾ شامل ڪيو ويو آهي، انهن کي عمل ۾ سمجهيو ويندو ۽ اهو 15 مارچ 1978 کان لاڳو سمجهيو ويندو.

1972 جي لينڊ ريفارمس ريگيوليشن جي پيراگراف 2 جي ترميم

AMENDMENT OF PARAGRAPH 2 OF THE LAND REFORMS REGULATION, 1972

.2 لينڊ ريفارمس ريگيوليشن، 1972، جنهن کي بعد ۾ ـ ـ جاٽايل ريگيوليشن سڏيو ويندو، ان کي صوبي سنڌ ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ، ان جي پيراگراف 2 ۾:

(i) ذيلي پيراگراف (11) ۾، آخر ۾ ايندڙ لفظ "۽" کي ختم ڪيو ويندو؛

(ii) ذيلي پيراگراف (12) ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي سيمي ڪولن سان متبادل بڻايو ويندو ۽ ان ڪانپوءِ هيٺيون ذيلي پيراگراف وڌايو ويندو، يعني:

"(13) "هاري" جو مطلب آهي اهو ماڻهو جيڪو ٻئي ماڻهو جي ماتحت زمين رکي، ۽ يا پر، ان لاءِ ڪو خاص معاهدو ڪيو هجي، جنهن پٽاندڙ زمين جي مسواڙ انهيءَ ٻئي ماڻهو کي ڏيندو هجي ۽ جنهن ۾ ان ماڻهو طرفان وياج جي ڏيتي ليتي ۾ شامل هجي سواءِ هنن ڳالهين جي:

(a) زميندار جا گروي رکڻ وارا حق، يا

(b) اهو ماڻهو جيڪو وفاقي حڪومت يا صوبائي حڪومت يا ڪنهن بااختيار تنظيم جنهن کي سرڪار جوڙيو هجي ۽ ان جي انهيءَ حوالي سان سرڪاري طور تي پڌرائي ڪئي وئي هجي؛ يا

(c) اهو ماڻهو جنهن کي زمين منتقل ڪئي وئي هجي، يا ويسٽ پاڪستان لينڊ روينيو ايڪٽ، 1967 تحت اسٽيٽ يا زمين فارم طور رکندو هجي، ان جي ڍل جي رهت اوڳاڙڻ لاءِ، يا ڪجھ رقم رهت طور اوڳاڙڻ جهڙي هجي، يا

(d) اهو مقاطعيدار جيڪو زمين آباد ڪري، پوءِ هو پاڻ ڪري يا ٻئي ماڻهوءَ جي معرفت ڪري."

1972 جي لينڊ ريفارمس ريگيوليشن جي پيراگراف 22 جي ترميم

AMENDMENT OF PARAGRAPH 22 OF THE LAND REFORMS REGULATION, 1972

.3 جاٽايل ريگيوليشن جي پيراگراف 22 ۾، ذيلي پيراگراف (6) لاءِ هيٺيون متبادل بڻايو ويندو، يعني:

"(6) هن پيراگراف ۾ شامل هيٺين ڳالهين جو اطلاق نہ ٿيندو:

(a) اها زمين جيڪا ڇڏيندڙن ۽ نہ ڇڏيندڙن ٻنهي ڌرين جي گڏيل هجي ۽ جيڪي ڪنهن آبادڪاري اسڪيم تحت مقرر ڪيل طريقيڪار مطابق ورهائڻ ضروري هجي؛

(b) اها زمين جيڪا مقاطعيدار ۽ اصلي مالڪ جي گڏيل هجي ۽ ان کي لاڳو ٿيل وقت جي ڪنهن قانون هيٺ مقرر

ڪيل طريقيڪار مطابق ورهائڻو هجي؛

(c) زمين جا ننڍا ٽڪرا جيڪي جاءِ جوڙڻ جي مقصدن خاطر هجن؛

(d) گڏيل کاتا، انهيءَ صورت ۾ جڏهن ڪنهن سموري ڳوٺ يا ديهه کي ڀيهر ورهايو وڃي، ته جيئن زمين جي ورهاست نوس بنيادن تي ڪري سگهجي؛

(e) گڏيل زمين، جنهن کي ڏار ڪرڻو هجي ته جيئن اهڙي زمين هن ريگيوليشن هيٺ تحويل ۾ ورتي وڃي يا نه ورتي وڃي."

1972 جي لينڊ ريفارمس ريگيوليشن جي پيراگراف 24 جي ترميم

AMENDMENT OF PARAGRAPH 24 OF THE LAND REFORMS REGULATION, 1972

4. هن ريگيوليشن جي پيراگراف 24 ۾:

(i) شرطيه بيان جي ذيلي پيراگراف (4) کي هن ريت متبادل بڻايو ويندو:

"بشرطيڪ هو سموري زمين ڏئي ڇڏي يا جڏهن هو ايتري زمين رکي ٿو جيڪا هن جي گذاري واري زمين کان گهٽ آهي، هو زمين جو ڪو به حصو ڏئي سگهي ٿو پوءِ اها لائق وارثن کي تحفي طور ڏني وڃي يا زمينن جي مٽا سٽا ڪئي وڃي يا گروي رکي وڃي، يا ڪنهن ٻئي نموني سان ٻين مالڪن کي، زميندارن کي يا هارين کي، جيڪي ساڳئي ڳوٺ يا ديهه جا آهن، انهن کي ڏني وڃي؛

(ii) ذيلي پيراگراف (5) ۾، آخر ۾ ايندڙ لفظ "VOID" کي، لفظن ۽ ڪامائن ۾ هن ريت رکيو ويندو "انهيءَ حد تائين جو جنهن سان اڪنامڪ هولڊنگ يا جيئن به صورتحال هجي، گذاري جيتري زمين گهٽائي وڃي ٿي."

(iii) ذيلي پيراگراف (6) جي لاءِ هن ريت متبادل آندو ويندو، يعني:

"(6) هن پيراگراف ۾ شامل لاڳو نه ٿيندو:

(a) زمين پوءِ اها ڪاشت ڪاري لائق هجي يا نه، جيڪا ڪنهن جاءِ ناهڻ جي مقصد لاءِ گهربل هجي ۽ جنهن جو هاري، جنهن جي هٿ ۾ اها زمين آهي، سو نوٽيس ڏيڻ ڪانپوءِ به انڪار ڪري، ان کي ڊپٽي ڪمشنر جي حڪمن تحت خالي ڪرايو ويندو؛

(b) زمين گروي رکڻ، جنهن جو قبضو نه هجي ۽ جيڪا

1972 جي لينڊ ريفارمس ريگيوليشن جي پيراگراف 25 جي ترميم
AMENDMENT OF PARAGRAPH 25 OF THE LAND REFORMS REGULATION, 1972

ڪنهن حڪومت يا ڪنهن اداري جي هجي، جنهن جو انتظام ۽ ڪنٽرول حڪومت جو هجي؛

(c) اهڙي گذاري لائق زمين کان گهٽ ايراضي واري زمين، جيڪا هو ڪنهن فيصلي تحت اڳواٽ خالي نٿو ڪري؛

(d) اها زمين يا زمين جو حصو جيڪا ميونسپالٽي، ڪنٽونمينٽ بورڊ جي حدن اندر هجي، يا ڪنهن ٽرسٽ جي هجي ۽ ان ۾ منظور شده هائوس بلڊنگ اسڪيم به ڪٽي شامل هجي؛

5. ريگيوليشن جي پيراگراف نمبر (25) ۾:

(i) ذيلي پيراگراف (1) ۾، حرف ”A“ لفظن ۽ ڪامائن ڪي هن ريت متبادل بڻايو ويندو ”بشرطيڪ هن ريگيوليشن جي گنجائشن مطابق هجي“؛

(ii) ذيلي پيراگراف نمبر (1) ۾، هيٺين ريت اضافو ڪيو ويندو:

”(1-A) اهو هاري جيڪو پنهنجي هارپي کان ڪڍيو ويو آهي، پر ان لاءِ قانوني طريقو اختيار نه ڪيو ويو آهي، سو پنهنجي هارپي کي بحال ڪرڻ لاءِ درخواست ڏئي سگهي ٿو، جيڪا ڪميشن طرفان طئي ڪيل ۽ بڌايل طريقيڪار مطابق هوندي.

”(1-B) (A) زميندار هاريءَ کان مسواڙ (معاوضي) وٺڻ کان هڪدم پوءِ رسيد ڏيندو.

(B) شق (A) تحت جاري ڪيون سموريون رسيدون اسٽيمپ ڊيوٽي کان آجيون هونديون.

(III) ذيلي پيراگراف (4) کانپوءِ، هيٺ ڄاڻايل ذيلي پيراگراف ۽ وضاحت شامل ڪئي ويندي، يعني:

”(5) ڪٿي به ڪو زمين جو مالڪ يا اهو ماڻهو زمين جنهن جي قبضي ۾ آهي ڪي ڏوڪڙ وني ٿو يا پنهنجي هاريءَ کان مفت ۾ ڪم ڪرائي ٿو، سواءِ ان جي ته اهو وقت جي لاڳو قانون مطابق آهي، ته اهو هاري ڪانئس ورتل پئسا واپس وني سگهي ٿو يا، جيئن صورتحال هجي، ڪيل ڪم جو معاوضو وٺي سگهي ٿو، جيڪو ڪميشن طرفان مقرر ڪيل طريقيڪار مطابق هوندو.

(6) سمورا ڪيس جيڪي هاريءَ کان اڳواٽ زمين خالي ڪرائڻ

بابت هوندا، تن کي خصوصي طور تي ٻڌو ويندو ۽ انهن جو حد جو ڪليڪٽر فيصلو ڪندو، جن لاءِ اهڙا ڪيس يا دعوائون داخل ڪيون ويون آهن، اهي دعوائون ۽ ڪيس جيڪڏهن لينڊ ريفارمس (ترميم) آرڊيننس، 1976 جي لاڳو ٿيڻ کان اڳ هلي رهيا آهن، ته پوءِ اهي واسطيدار ڪليڪٽر ڏانهن منتقل ٿي ويندا.

(7) ڪو به ماڻهو جيڪڏهن اهڙي حڪم کان متاثر ٿئي ٿو، جيڪو سابقه پيراگراف جي هيٺ اچي ٿو، ته اهو آرڊر پاس ٿيڻ کانپوءِ ٽيهن ڏينهن جي اندر ڪمشنر کي اپيل ڪري سگهي ٿو.

(8) بورڊ آف روينيو ڪڏهن به پنهنجي فيصلي يا ڪنهن ٻئي طريقي سان انهيءَ پيراگراف هيٺ هلندڙ ڪنهن ڪيس جو رڪارڊ طلب ڪري سگهي ٿي، جنهن ۾ ڪليڪٽر يا ڪمشنر ڪو حڪم جاري ڪيو آهي، پاڻ کي مطمئن ڪرڻ لاءِ ان جي قانوني حيثيت کي درست سمجهڻ لاءِ، يا ملڪيت جي قانوني وارثيءَ بابت ڏنل فيصلي يا ڪارروائيءَ کي ڏسڻ لاءِ، جيئن مناسب سمجهي ته رڪارڊ طلب ڪري سگهي ٿي:

هن ذيلي پيراگراف هيٺ ڪو به اهڙو آرڊر پاس نه ڪيو ويندو، جنهن سان اڳ ۾ نڪتل حڪم تي نظرثاني ڪئي وڃي، يا ان ۾ ڦير گهير آندي وڃي، ان وقت تائين جو متاثر ٿيل ماڻهو کي ٻڌڻ جو موقعو فراهم نه ڪيو وڃي:

وڌيڪ اهو ته ڪنهن به ڪيس جو رڪارڊ يا ڪارروايون جن مطابق ڪليڪٽر يا ڪمشنر ڪو حڪم جاري ڪيو آهي، ان کي هن ذيلي پيراگراف مطابق گهرائي نه سگهجي، پر جيڪڏهن متاثر ٿيل ماڻهو اهڙي حڪم جاري ٿيڻ کانپوءِ ٽيهن ڏينهن گذرڻ کان پوءِ اهڙي گذارش ڪري ٿو.

(9) هن پيراگراف جي مقصدن جي لاءِ ڪليڪٽر، ڪمشنر ۽ بورڊ آف روينيو کي سول ڪورٽ طور سمجهيو ويندو ۽ انهن کي وقت جي لاڳو ٿيل قانون مطابق سول ڪورٽ جا اختيار هوندا ۽ انهن طرفان جاري ڪيل حتمي فيصلي کي ڪنهن سول ڪورٽ جي فيصلي جهڙو سمجهيو ويندو ۽ ان تي عمل درآمد ڪيو ويندو.

(10) ذيلي پيراگراف (7) جي فراهم ڪيل گنجائشن ڪي نظر ۾ رکندي يا ذيلي پيراگراف (8)، لميٽيشن ايڪٽ، 1908 (IX OF 1908) جي دفعہ 5 ۽ دفعہ 12 جي گنجائشن ڪي لاڳو سمجهيو ويندو.

وضاحت: هن پيراگراف ۾، "ڪليڪٽر"، "ڪمشنر" ۽ "بورڊ آف روينيو" ڪي اولهہ پاڪستان لينڊ روينيو ايڪٽ، 1967 (WEST PAKISTAN ACT XVII OF 1967) تحت ڏنل معنيٰ موجب ورتو ويندو.

نوٽ:۔ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.